

جيڪر مان ته پکي هجان ها
وڻن ۾ پنهنجو گهر ٺاهيان ها
مٺڙا مٺڙا ٻول ڪيان ها
جيڪر مان ته پکي هجان ها



جيڪر مان تہ وڻ هجان ها
ماڻهن کي ميوو ڏيان ها
گهاٽي گهاٽي ڇانوَ ڪيان ها
جيڪر مان تہ وڻ هجان ها





جيڪر مان تہ سج هجان ها
صبح اوهان جو روشن ڪيان ها
شام جو ٽڪجي گهر وڃان ها
جيڪر مان تہ سج هجان ها


جيڪر مان تہ چنڊ هجان ها
اُڀ تي راتين جو اُڀران ها
اونداهين ۾ مان چمڪان ها
جيڪر مان تہ چنڊ هجان ها







جيڪر مان تہ جهاز هجان ها
گهرن مٿان مان گذران ها
آسمان ۾ اُڏران ها
جيڪر مان جهاز هجان ها




جيڪر مان تہ پَرِي هجان ها
ٻارن کي مان خوب وڻان ها
خوابن ۾ ڀي خُوب اچان ها
جيڪر مان تہ پَرِي هجان ها





جيڪر مان تہ مور هجان ها
پَرَ پکيڙي ناچ ڪيان ها
ماڻهن کي مان وندرايان ها
جيڪر مان تہ مور هجان ها



# بِگ بُڪس
# BIG BOOKS
(ٻئي درجي لاءِ)

پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ (USAID-Pakistan Reading Project) يُو ايس ايڊ (USAID) جي مالي سهڪار سان عمل ۾ ايندڙ پنج سالہ پروگرام آهي. جنهن جو مقصد پاڪستان ۾ صوبائي ۽ علائقائي تعليم کاتي جي تعاون سان شروعاتي دَرجن جي شاگردن ۾ 'پڙهڻ' جي صلاحيتن ۾ بهتري آڻڻ آهي. ان سلسلي ۾ پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ ٻئي دَرجي جي شاگردن ۾ سنڌي پڙهڻ جي مهارتن کي وڌائڻ لاءِ هِي تدريسي مواد تيار ڪيو آهي.

بِگ بُڪس انهيءَ تدريسي مواد جو اهم حصو آهن. هي ڪتاب استاد، شاگردن آڏو 'وڏي آواز ۾ پڙهڻ' ( Read Aloud) واري طريقي مطابق پڙهندا. 24 هفتن لاءِ 12 بِگ بُڪس لکيا ويا آهن. هر بِگ بُڪ جي پٺيان استادن لاءِ اُن هفتي جي پڙهڻ جي مهارتن لاءِ سرگرميون ڏنيون ويون آهن. وڏي آواز سان پڙهڻ دوران ان ڳالهہ جو خيال رکڻ گهرجي تہ شاگردن کي مڪمل ڪهاڻي پڙهي ٻڌائجي. بِگ بُڪس جون هي ڪهاڻيون لکڻ دؤران ڪيترن ئي اصولن کي نظر ۾ رکيو ويو آهي. مثال طور، مخصوص موضوعن جي چونڊ، شاگردن جي عمر ۽ ذهني سطح، مناسب لفظن جو ذخيرو، سادو اسلوب ۽ شاگردن جي دلچسپيءَ جي عنصر کي قائم رکڻ لاءِ واضح ۽ وڻندڙ تصويرون وغيره.

هن ڪاوش جي نتيجي ۾ استاد، شاگردن جي 'پڙهڻ' جي مهارتن: ڇَپيل تصوُر، صوتي ڄاڻ، صوتيات، لفظن جو ذخيرو، رواني ۽ تفهيم جي صلاحيتن ۾ واڌارو آڻي سگهندا. هي بِگ بُڪس، اسڪول لائبريري جو حصو بڻجندا تہ جيئن ايندڙ شاگرد پڻ هنن ڪتابن مان لاڀ حاصل ڪري سگهن ۽ ٻولي سکڻ ۽ پڙهڻ ۾ دلچسپيءَ جو هِي سلسلو جاري رهي.

اسان کي اميد آهي تہ پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي هيءَ ڪاوش سنڌ جي پرائمري اسڪولن ۾ پڙهڻ جي معيار کي بهتر کان بهتر بڻائڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندي. پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ ۾ هيٺ ڏنل تعليمي ۽ تدريسي مواد شامل آهي:

- ٽي آءِ جي ماڊيولز
- ويڊيوز
- سبقي منصوبا
- ورڪ بُڪ
- فليش ڪارڊز
- بِگ بُڪس
- ليولڊ ريڊرز



تدريسي مواد جي تياريءَ دؤران هن ڪي هر قسم جي غلطيءَ کان آجو رکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي آهي. تنهن هوندي بہ استعمال دؤران جيڪڏهن ڪا ڪَمي نظر اچي تہ ان بابت مهرباني ڪري ٿُرت پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي صوبائي/ ضلعي آفيس کي ڄاڻ ڏني وڃي. ان سهڪار جي لاءِ اسان اوهان جا ٿورائتا رهنداسين.

# اُستادن جي لاءِ هدايتون

نوٽ: شاگردن کي هفتي جا پهريان ٻہ ڏينهن مڪمل نظم پڙهي ٻُڌايو ۽ هيٺ ڏنل هدايتن تي عمل ڪريو.

## پهريون ڏينهن

(اڳڪٿي، اڳوڻي معلومات ۽ ڇَپيل تصور)

### پڙهڻ کان پهرين

شاگردن کي نظم جو ٽائيٽل ڏيکاري پڇو تہ:

» توهان جي خيال اچ جي نظم جو عنوان ڇا آهي؟
» تصوير ۾ ڇا ٿي رهيو آهي؟

### پڙهڻ دوران

» صفحو نمبر 5 ڏيکاريو ۽ پڇو تہ ٻارڙي ڇا سوچي رهي آهي؟
» صفحو نمبر 7 ڏيکاريو ۽ پڇو تہ آسمان تي ڇا نظر اچي رهيو آهي؟

### پڙهڻ کان پوءِ

» هن نظم ۾ 'جيڪر مان تہ' ڪيترا پيرا لکيل آهي؟
» نظم ۾ جيڪر مان تہ وڻ هجان ها .. کان پوءِ ڇا چيل آهي؟
» هن نظم ۾ 'مور' جو لفظ ڪهڙي صفحي تي لکيل آهي؟

## ٻيو ڏينهن

(لفظن جو ذخيرو، سنڌي ۽ ٻي ڪا مادري زبان ۽ آوازن جي مشق)

### پڙهڻ کان پهرين

» (ٿي سگهي ٿو تہ توهان جي ڪلاس ۾ ڪجھ اهڙا ٻار موجود هجن جن جي مادري ٻولي سنڌي نہ هجي، ان صورت ۾ هي سوال توهان انهن ٻارن کان پڇندؤ).
» شاگردن کي نظم جو ٽائيٽل/عنوان ڏيکاري پڇو تہ توهان جي ٻوليءَ ۾ عنوان 'جيڪر مان تہ..!' کي ڇا چوندا آهن؟

### پڙهڻ دوران

» صفحو نمبر 5 تي 'ڪچري جي دٻي' جي تصوير ڏيکاري شاگردن کان پڇو تہ توهان جي ٻوليءَ ۾ هن کي ڇا چوندا آهن؟
» صفحي نمبر 21 ۾ ڏنل شعر 'جيڪر مان مور هجان ها.... ناچ ڪيان ها' کي تاثرات سان ادا ڪري انهن جي ٻولي ۾ ورجائڻ لاءِ چئو.

### پڙهڻ کان پوءِ

» شاگرن کان ڏنل لفظن جا آخري آواز پُڇو.
» ميوو، ڇانوَ، هجان، گهاٽي، سج، چنڊ، اُڀران، جهاز، آسمان، خُوب، منڙا، ٻول، جيڪر، وندرايان، ناچ.

## ٽيون ڏينهن

(لفظن جو ذخيرو، پهاڪا ۽ اصطلاح)

### پڙهڻ دوران

» صفحي نمبر 1 ۾ شعر 'منڙا منڙا ٻول ڪيان ها، جيڪر مان تہ پکي هجان ها' ۾ ٻول جي معنيٰ ٻُڌايو 'ٻوليون ڪرڻ' پوءِ مثال ڏيو. (اسان جي گهر ۾ هڪ طوطو منڙا ٻول ڪندو آهي) اهڙيءَ طرح ٻيا جملا ٺاهڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪيو.
» صفحي نمبر 5 ۾ شعر 'جيڪر مان تہ سج هجان ها، صبح اوهان جو روشن ڪيان ها' ۾ روشن جي معنيٰ ٻُڌايو 'چمڪندڙ/چِٽو' پوءِ مثال ڏيو. (سج نڪرڻ سان آسمان روشن ٿيندو آهي) اهڙيءَ طرح ٻيا جملا ٺاهڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪيو.
» صفحي نمبر 9 ۾ شعر 'آسمان ۾ اُڏران ها، جيڪر مان تہ جهاز هجان ها' ۾ اُڏران جي معنيٰ ٻُڌايو 'اُڏامڻ' پوءِ مثال ڏيو. (ڪاش! مان پکي بڻجي آسمان تي اُڏران) اهڙيءَ طرح ٻيا جملا ٺاهڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪيو.
» صفحي نمبر 10 ۾ لفظ 'پَرِي' کي جملن ۾ استعمال ڪرايو.

## چوٿون ڏينهن

(تفهيم، نظم جو ذاتي زندگيءَ سان ڳانڍاپو)

### پڙهڻ کان پهرين

» توهان سڀ کان پهريون جهاز ڪٿي ڏٺو هو؟
» توهان ڪهڙا خواب ڏسندا آهيو؟

### پڙهڻ دوران

» ڪلاس ۾ ڪيترا ٻار جهاز بڻجڻ چاهين ٿا ۽ ڇو؟
» ڪلاس ۾ ڪيترا ٻار پرِي بڻجڻ چاهين ٿا ۽ ڇو؟
» توهان جيڪڏهن پکي هجو ها تہ ڇا ڪيو ها؟
» توهان جيڪڏهن سج هجي ها تہ ڇا ڪيو ها؟
» هن نظم جو ڪهڙو بند توهان کي پسند آهي ۽ ڇو؟

### پڙهڻ کان پوءِ

» موقعو ملي تہ توهان ڇا بڻجندؤ؟
» توهان پنهنجي دوست/سهيليءَ کي ڪهڙي روپ ۾ ڏسڻ پسند ڪندؤ ۽ ڇو؟
» هن نظم کي ڪلاس سامهون سُر ۾ پيش ڪريو.

www.pakreading.org

This publication is made possible by the support of the American people through the United States Agency for International Development (USAID). It is produced by the USAID-funded Pakistan Reading Project in collaboration with the provincial/regional government. The contents are the sole responsibility of the project and do not necessarily reflect the views of USAID or the United States Government.

هن اشاعت جي فراهمي آمريڪي عوام جي سهڪار سان بين الاقوامي ترقيءَ جي آمريڪي اداري طرفان ڪئي وئي آهي. هي دستاويز يو ايس ايڊ-پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ، صوبائي/ علائقائي حڪومتن جي تعاون ۽ پائيواري سان تيار ڪيو آهي. هن اشاعت جي مڪمل ذميواري پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي آهي ۽ ضروري نہ آهي تہ هي يو ايس ايڊ يا آمريڪي حڪومت جي نظريي جي عڪاسي ڪندي هجي.